SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1973

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973

## سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رهتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973

## THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and commencement

2. وصفون
Definitions

3. رهتن جو اعلان
Declaration of dues

4. قاعدن جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1973
# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1973
# سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رھتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973
# THE SINDH INDUSTRIAL TRADING ESTATE RECOVERY OF DUES ORDINANCE, 1973

[12 مئي 1973]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رھتن جي اوڳاڙي ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رھتن جي اوڳاڙي ڪرڻ ضروري ٿي پئي آھي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس ھلندڙ نہ آھي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آھي تہ موجوده حالتن ۾ ھنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آھي؛

ھاڻي، تنھن ڪري، اسلامي جمھوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر ھيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آھي؛

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extend and

1. ھن آرڊيننس کي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جي رھتن جي اوڳاڙي آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) ھي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم جي متضاد نہ هجي هيٺين اظهارن جون معنائون ترتيبوار هيٺين ريت هونديون:

(a)"ڊفالٽر" مطلب اهو شخص جنهن تي سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ جون واجب الادا رهتون آهن ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو اهڙين ڪن رهتن جي ادائگي جو ضامن هجي؛

(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ ۽

(c) "سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ" مطلب تاريخ 2 جون 1947 تي سنڌ حڪومت جي ٺهراءَ نمبر 1_I.B/47_24 تحت قائم ڪيل سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ ڪمپني.

رهتن جو اعلان
Declaration of dues

3. (1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان ڪري سگهي ٿي تہ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ طرفان واجب الادا رهتون يا رهتن جو ڪو قسم ڊفالٽرز کان لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هوندو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت نوٽيفڪيشن شايع ٿيڻ کانپوءِ اهڙيون ڪي بہ رهتون روينيو رڪوري ايڪٽ، 1890 (1890 جو ايڪٽ I) تحت لينڊ روينيو جي رهتن طور واجب الادا هونديون.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

4.حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**